# سنڌ آرڊيننس نمبر XXVII مجريہ 1984

# SINDH ORDINANCE NO.XXVII OF 1984

# سنڌ آبپاشي (ترميم) آرڊيننس، 1984

# THE SINDH IRRIGATION (AMENDMENT) ORDINANCE, 1984

## فهرست (CONTENTS)


تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short Title and commencement

2. سنڌ ايڪٽ نمبر VII مجريہ 1879 جي دفعہ نمبر 36 جي ترميم.

Amendment of Section 36 of Sindh Act VII of 1879

3. سنڌ ايڪٽ نمبر VII مجريہ 1879 جي دفعہ نمبر 40 جي ترميم.

Amendment of Section 40 of Sindh Act VII of 1879

# سنڌ آرڊيننس نمبر XXVII مجريه 1984

# SINDH ORDINANCE NO.XXVII OF 1984

# سنڌ آبپاشي (ترميم) آرڊيننس، 1984

# THE SINDH IRRIGATION (AMENDMENT) ORDINANCE, 1984

[30 سيپٽمبر 1984]

آرڊيننس جنهن سان سنڌ آبپاشي ايڪٽ، 1879 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته وفاقي شرعي عدالت سنڌ آبپاشي ايڪٽ، 1879 ۾ ڪجھ ترميمن ڪرڻ جي هدايت ڪئي آهي؛

جيئن ته سنڌ آبپاشي ايڪٽ، 1879 ۾ ترميم ڪرڻ مقصود آهي؛

جنهن ڪي هن طرح عمل ۾ آندو ويندو.

ان ڪري هاڻي 5 جولائي 1977جي اعلان ۽ عبوري آئين 1981 جي حڪم جي روشني ۾ سنڌ جو گورنر خوشيءَ سان

آرڊيننس کي ٺاهي نافذ فرمائي ٿو.

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short Title and commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ آبپاشي (ترميم) آرڊيننس، 1984 سڏيو ويندو.

(2) هيءَ في الفور نافذ ٿيندو.

سنڌ ايڪٽ نمبر VII مجريه 1879 جي دفعه نمبر 36 جي ترميم.
Amendment of section 36 of Sindh Act VII of 1879

2. سنڌ آبپاشي ايڪٽ، 1879 جنهن کي هن کانپوءِ ٻه ساڳيو ايڪٽ ئي سڏيو ويندو، هن جي دفعه 36 ۾، آخر ۾ ايندڙ فل اسٽاپ کي ڪولن سان تبديل ڪيو ويندو ۽ ان کانپوءِ هيٺين شرطيه بيان جو اضافو ٿيندو:ـ

”ڪنهن اپيل تي ڪو فيصلو نه ورتو ويندو، جيستائين درخواست گذار کي ٻڌڻ جو موقعو نه ڏنو وڃي.“

سنڌ ايڪٽ نمبر VII مجريه 1879 جي دفعه نمبر 40 جي ترميم.
Amendment of section 40 of Sindh Act VII of 1879

3.هن ايڪٽ جي دفعه 40 ۾، لفظن”ٻارنهن پيرا“ جي هنڌ تي ”پندرهن پيرن کان گهٽ نه هجي ۽ ويهن پيرن کان وڌيڪ نه هجي“ لکيو ويندو.

**نوٽ:ـ ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**